امير اهل سنت دامت برڪاتهم العاليه جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ جي هڪ قسط بنام

# والدين جي متعلق واقعا

سنڌي

ماءُ جي دعا سان پٽ کي ڪلمو شريف نصيب ٿي ويو
ماءُ کي اڪيلو ڇڏي ڏيڻ واري جي عبرت ناڪ موت
سڪرات ۾ خوفناڪ رڙيون ڪرڻ وارو نوجوان
اولڊ هائوس ۾ لاچار پوڙهي




شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال
مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي
دامت برڪاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفڪر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **والدين جي متعلق واقعا**

تعداد:

چاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن ڪي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڱتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامه

**مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان ڪنيل مضمون

# والدين جي متعلق واقعا

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوتِ اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

# والدين جي متعلق واقعا [1]

**دعاءِ عطار:** ياربّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”والدين جي متعلق واقعات“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي پنهنجي ماءُ پيءُ جو فرمانبردار ۽ خدمت گذار ۽ ان کي والدين سميت جنت الفردوس ۾ بي حساب داخل فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

اميرالمومنين، مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضي شير خدا رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: جڏهن ڪنهن مسجد وٽان گذر ٿي تہ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهو.

(فضل الصلاة على النبى للقاضى الجهضمى، ص70، رقم:80)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## والدين جو فرمانبردار بڻجي ويو

نافرمانين تي ندامت جا ڳوڙها وهائڻ، گناهن جي بيماري کان شفا ماڻڻ، پاڻ کي نيڪين جو حريص بڻائڻ، پنهنجي وجود کي

[1] هي مضمون ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان ڪنيو ويو آهي

سنتن سان سجائڻ ۽ پنهنجي دل ۾ عشق رسول جي شمع ٻارڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪڙهندا رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندي نيڪ اعمال جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو ”جائزو“ وٺي ڪري نيڪ اعمال جو رسالو پُر ڪندا رهو ۽ هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهہ ڏينهن جي اندر پنهنجي علائقي جي دعوت اسلامي جي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ پنهنجي هن مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جي حصول خاطر پابندي سان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن سکڻ سيکارڻ جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪريو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار بيان ڪيان ٿو، جيئن بستي سمندري هير والا (ضلع ڊيرا غازي خان پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ (عمر تقريباً 20 سال) جي بيان جو خلاصو آهي: مان غالباً 2009 ۾ مِڊل جو امتحان ڏيڻ کان پوءِ موڪلون گذارڻ گهر آيل هيس، هڪ ڏينهن سبزي وٺڻ نڪتس تہ رستي ۾ ڪجھ سبز سبز عمامي شريف جو تاج سجائيل عاشقان رسول ملي ويا انهن وڏي شفقت سان ملاقات ڪئي ۽ انفرادي ڪوشش ڪندي ڪجھ اهڙي پياري انداز ۾ هفتيوار سنتن ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪئي جو هائو ڪرڻي پئي، جڏهن طئي شده وقت تي سنتن ڀري اجتماع ۾ وڃڻ جي لاءِ اسلامي ڀائرن وٽ پهتس تہ انهن شفقت فرمائي نهايت ادب ۽ احترام

سان مون کي ڳاڏي ۾ ويهاريو، اَلحَمدلله فيضان مدينہ جام پور (ضلع راجن پور) ۾ ٿيڻ واري دعوت اسلامي جي سنتن ڀري هفتيوار اجتماع ۾ زندگي جي پهرين حاضري جي سعادت ملي، اتي پُرسوز نعت شريف، سنتن ڀريا بيان، ذڪر الله رقت انگيز دعا منهنجي زندگي ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو خاص ڪري دعا جي دوران خوف خدا جي ڪري منهنجي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، مون گناهن کان توبہ ڪئي ۽ اجتماع تان واپسي کان پوءِ نمازن جي پابندي شروع ڪري ڏني، ڪجھ عرصي کان پوءِ ڏاڙهي شريف بہ رکي ورتي ۽ سبز عمامي شريف جو تاج بہ سجائي ورتو، مان جيڪو نهايت بدزبان ۽ بي ادب انسان هيس ماءُ پيءُ جي سامهون رڙيون ڪندو هيس ۽ انهن جو ادب نہ ڪندو هيس، هاڻي والدين جو مُطِيع ۽ فرمانبردار بڻجي ويس ۽ انهن جا هٿ پير چمڻ لڳس، منهنجي انهيءَ چڱي تبديلي تي نہ صرف گهر وارا بلڪ سڄي خاندان وارا حيران هئا، ديني ماحول سان وابستگي کان پهريان مون کي هڪ بيماري هئي جنهن جي ڪري ڪافي پريشاني رهندي هئي، الله پاڪ مون کي ان مرض مان شفا عطا فرمائي، منهنجو حُسن ظن آهي تہ هي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت هئي، هي مدني بهار ڏسي منهنجي والده مون کي حڪم ڏنو تہ تنهنجي ننڍي ڀاءُ کي گُڙدن جي تڪليف آهي، تون دعوت اسلامي جي تحت ٿيڻ واري ”63 ڏينهن جي مدني تربيتي ڪورس“ ۾ شامل ٿي ۽ پنهنجي ڀاءُ جي لاء دعا ڪر، مان حڪم جي تعميل ڪندي مدني تربيتي ڪورس جي لاءِ تقريباً 2010 ۾ فيضان مدينہ ساهيوال پهتس، ۽ هتي نہ صرف پاڻ دعائون گهريون بلڪ بين عاشقان

رسول کي بہ دعا جي لاءِ چوندو هئس، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اجا مدني تربيتي ڪورس ۾ بہ هفتہ مس ٿيا هئا تہ منهنجي ياءُ جي طبيعت بحال ٿيڻ لڳي حالانڪ ان جي لاءِ ڊاڪٽر آپريشن جو چئي چڪا هئا، جڏهن ٻيهر چيڪ اپ ڪرايو تہ ڊاڪٽرحيران رهجي ويا ۽ چوڻ لڳا هاڻي آپريشن جي ضرورت ناهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! منهنجو ياءُ چڱو ڀلو ٿي چڪو آهي.

ہیں اسلامی بھائی سبھی بھائی بھائی — ہے بے حد محبّت بھرا مَدَنی ماحول
اے بیمارِ عِصیاں تُو آجا یہاں پر — گناہوں کی دیگا دوا مَدَنی ماحول
شِفائیں ملیں گی، بلائیں ٹلیں گی
یقیناً ہے بَرَکت بھرا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب — صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ذڪر ڪيل مدني بهار ۾ نيڪي جي دعوت جا مدني گل

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! دعوت اسلامي جي ديني ماحول جي برڪت سان والدين جو نافرمان ۽ گستاخ سڌي راهہ تي اچي ويو، يقيناً وڏي ڀاڳ وارو آهي اهو انسان جنهن جا ماءُ پيءُ ان کان راضي رهن، خدا جو قسم! اهو شخص نهايت بدنصيب آهي جيڪو پنهنجي والدين کي بنا شرعي اجازت ناراض رکي ۽ جيئن تہ هر پاسي ماءُ پيءُ جي نافرمانين ۽ دل آزارين جو طوفان آهي تنهنڪري پيش ڪيل مدني بهار جي ضمن ۾ ماءُ پيءُ جي خوشنودي جي ثمرن ۽ ناراضگيءَ جي

وعيدن جي باري ۾ نيڪي جي دعوت جا مدني گل پيش ڪيا وڃن ٿا، سڀ ڪان پهريان پنهنجي پٽ سان محبت ڪرڻ واري ماءُ جي دعا جي ايمان افروز حڪايت ٻڌو ۽ جهومو:

## ماءُ جي دعا سان ڪلمو شريف نصيب ٿي ويو

هڪ ڊاڪٽر جو بيان آهي: هڪ شخص کي دل جو سخت دورو پيو، بچڻ جي اميد نہ هئي، سندس ماءَ بستر جي ويجهو ويهي دعا ڪري رهي هئي جيڪا حاضرين ٻڌي: "ياالله پاڪ مان پنهنجي پٽ سان راضي آهيان تون بہ راضي ٿي وڃ"ڊاڪٽر علاج ۾ مشغول هئا ۽ محترمہ دعا ۾ لڳل هئي، جڏهن آخري وقت آيو مريض بلند آواز سان ڪلمو پڙهيو، چپن تي مسڪراهٽ ڦهلجي وئي ۽ روح پرواز ڪري ويو.

## مرندي وقت ڪلمو پڙهڻ وارو جنتي آهي

سُبحٰن الله! جنهن مسلمان جي ماءُ آخري وقت ۾ ان سان خوش هجي ان جو بہ ڇا شان آهي، ۽ جنهن کي آخري وقت ڪلمو نصيب ٿي وڃي خدا جو قسم! اهو وڏو خوش نصيب آهي جيئن تہ الله پاڪ جي محبوب جو فرمان جنت نشان آهي: مَنْ كَانَ آخِرُ كَلَامِهٖ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ دَخَلَ الْجَنَّةَ يعني جنهن جو آخري ڪلام لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ هجي اهو جنت ۾ داخل ٿيندو.

(ابو داؤد ج 3 ص 255 حديث 3116)

## ڪلمو پڙهڻ واري جي حڪايت

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ملڪُ الموت (عَلَيهِ السَّلَام) هڪ مرڻ واري شخص وٽ آيو تہ ان جي دل کي ڏٺو پر ڪو عملِ خير

(يعني سنو عمل) نہ مليو، پوءِ ان جي ڄاڙين کي کوليو تہ زبان جي ڪنارن کي تارون سان مليل ڏٺو ۽ اهو لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰه چئي رهيو هو تہ انهيءَ ڪلمي جي ڪري ان جي بخشش ڪئي وئي.

(المحتضرين مع موسوعة الامام ابن ابي الدينا ج 5 ص 304 رقم 9)

جب دمِ واپَسیں ہو یااللّٰہ | لب پہ ہو لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰه
ہیں محمد مرے رسولِ خدا | مرحبا مرحبا رسولُ اللّٰہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب | صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مقبول حج جو ثواب

**پيارا اسلامي ڀائرو!** يقيناً ماءُ پيءُ جو درجو تمام اعليٰ ۽ مٿانهون آهي، انهن جون دعائون اولاد جي حق ۾ قبول ٿينديون آهن، بس انهن کي خوش رکو، خوب خدمت ڪري انهن جون دعائون وٺو، انهن جي خوشي ايمان جي سلامتي ۽ انهن جي ناراضگي ايمان جي بربادي جو سبب بڻجي سگهي ٿي، ماءَ پيءُ جو فرمانبردار سدائين خوش حال ۽ شاد باد رهندو آهي، دنيا ۾ جتي رهي پنهنجي ماءُ پيءُ جي دعائن جو فيض ملندو آهي **دعوت اسلامي** جي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 32 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**ساموندي گنبذ**" جي صفحي 6 کان 7 تي آهي: وڏي شفقت ۽ پيار ۽ محبت سان ماءُ پيءُ جو ديدار ڪيو، ماءُ پيءُ ڏانهن رحمت جي نظر ڪرڻ جي ڇا ڳالهہ ڪجي! سرڪار مدينہ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمت نشان آهي: جڏهن اولاد

پنهنجي ماءُ پيءُ ڏانهن رحمت جي نظر ڪري تہ اللّٰه پاڪ ان جي هر نظر جي بدلي حجّ مَبْرُور (يعني مقبول حج) جو ثواب لکندو آهي. صحابہءِ ڪرام عَلَیۡهِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو: جيتوڻيڪ ڏينهن ۾ سؤ ڀيرا نظر ڪري! فرمايائون: نَعَمْ، اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَ اَطْيَبُ يعني ”ها، اللّٰه پاڪ سڀ کان وڏو آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ پاڪ آهي.“ (شعب الايمان ج 6 ص 186 حديث 7856) يقيناً اللّٰه پاڪ هر شيء تي قادر آهي اهو جيتري قدر چاهي ثواب ڏئي سگهي ٿو، هرگز عاجز ۽ مجبور ناهي، لهٰذا جيڪڏهن ڪو پنهنجي ماءُ پيءُ ڏانهن روزانو 100 ڀيرا بہ رحمت جي نظر ڪري تہ اهو ان کي سؤ مقبول حَجن جو ثواب عطا فرمائيندو.

مشغول جو رہتا ہے، ماں باپ کی خدمت میں
اللّٰہ کی رحمت سے، جاتا ہے وہ جنّت میں
ماں باپ کو ایذا جو، دیتا ہے شرارت سے
جاتا ہے وہ دوزخ میں، اعمال کی شامت سے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ماءُ کي اڪيلو ڇڏي ڏيڻ واري جي عبرتناڪ موت

هڪ شخص جي ماءُ سخت بيمار، موت جي بستر تي هئي، ان جي باوجود نالائق پٽ ان سان بدتميزي ڪئي ۽ ويچاري کي اڪيلي ڇڏي ڏنو ۽ اها غريب انهيءَ حالت ۾ انتقال ڪري

وئي، وقت گذرندو ويو، 30 سالن کان پوءِ ان ”نالائق پٽ“ کي دست تي پيا ۽ نهايت ڪمزور ٿي ويو، جيڪو پوڪيو هيو سو ئي لڻڻو پيو جو روئي روئي چوندو هيو: منهنجا ٽي پٽ آهن پر منهنجي بلڪل پرواهه نٿا ڪن، مان ڪيترن ئي ڏينهن کان بيمار آهيان پر هڪ پيرو بہ ملڻ ناهن آيا. آخرڪار اهو پنهنجي ماءُ جيان رات جو اڪيلو مري ويو، صبح جو پاڙي وارن ڏٺو تہ اڪيلي لاش تي ڪِيوليون جمع ٿيل هيون ۽ ان کي چڪ هڻي رهيون هيون.

دل دُکھانا چھوڑ دیں ماں باپ کا
ورنہ ہے اِس میں خسارہ آپ کا

(وسائلِ بخشش ص۶۶۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هي حقيقت آهي تہ ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارو دنيا ۾ سزا ماڻيندو آهي، فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: سيني گناهن جي سزا الله پاڪ چاهي تہ قيامت تائين ناهي ڏيندو پر ماءُ پيءُ جي نافرماني جي سزا حياتي ۾ ئي ڏيندو آهي.

(المستدرك للحاكم ج5 ص 216 حديث 7345)

واقعي اهو شخص خوش نصيب آهي جيڪو ماءُ پيءُ کي خوش رکي ٿو، جيڪو بدنصيب ماءُ پيءُ کي ناراض ڪندو آهي ان جي لاءِ بربادي آهي، الله تبارڪ و تعالى 15 سيپاري سوره، بني اسرائيل آيت نمبر 23 تا 25 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ؕ اِمَّا يَبْلُغَنَّ
عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَاۤ اَوْ كِلٰهُمَا
فَلَا تَقُلْ لَّهُمَاۤ اُفٍّ وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ
لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا ﴿۲۳﴾ وَاخْفِضْ
لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَقُلْ
رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ
صَغِيْرًا ﴿۲۴﴾ رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا فِيْ
نُفُوْسِكُمْ ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ماءُ پيءُ سان چڱو سلوڪ ڪريو جيڪڏهن تنهنجي سامهون انهن مان هڪڙو يا ٻئي پوڙهائپ کي پهچي وڃن ته انهن کي أف (هون) نه چئجان ۽ نه انهن کي جهڻڪ ۽ انهن سان ڳالهه تعظيم واري ڳالهاءِ ۽ انهن جي واسطي عاجزي جا پر وڇاءِ نرم دلي سان ۽ عرض ڪر اي منهنجا رب تون انهن ٻنهي تي رحم ڪر جيئن جو انهن ٻنهي مون کي ننڍپڻ ۾ پاليو، توهان جو رب خوب ڄاڻي ٿو جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي.

## ننڍپڻ ۾ ماءُ به ته اولاد جي ”گندگي“ برداشت ڪندي آهي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** مٿي ذڪر ڪيل آيتن ۾ الله پاڪ والدين سان حُسنِ سُلوڪ جو حڪم ڏنو آهي ۽ خاص ڪري انهن جي پوڙهائپ ۾ وڌيڪ خدمت ڪرڻ جي تاڪيد فرمائي آهي. يقيناً ماءُ پيءُ جي پوڙهائپ انسان کي امتحان ۾ وجهي ڇڏيندي آهي، وڏپڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن بستر تي ئي بَول و بَراز (يعني گندگي) ڪري ڇڏيندا آهن جنهن جي ڪري عموماً اولاد بيزار ٿي ويندي آهي، پر ياد رکو! اهڙي حالت ۾ به والدين جي خدمت لازمي آهي، ننڍپڻ ۾ ماءُ به آخر ٻار جي گندگي برداشت ڪندي آهي، پوڙهائپ ۽ بيمارين سبب ماءُ پيءُ ۾ ڪيتري به چڙ جي عادت

ٿئي، عقل ويندو رهي، گهڻو هُل ڪن، بنا ڪنهن سبب جي وڙهن، چاهي ڪيترو به جهڳڙُو ڪن، بيشڪ پريشان ڪري وجهن پر صبر، صبر ۽ صبر ئي ڪرڻو آهي ۽ انهن جي عزت ئي ڪرڻي آهي، انهن سان بدتميزي ڪرڻ انهن کي دڙڪا ڏيڻ ته پري جي ڳالهه پر انهن کي ”اُف يا هون“ به ناهي ڪرڻي نه ته بازي هٿن مان نڪري سگهي ٿي ۽ ٻنهي جهانن ۾ تباهي مقدر بڻجي سگهي ٿي ڇوته والدين جي دل ڏکائڻ وارو هن دنيا ۾ به ذليل ۽ خوار ٿيندو آهي ۽ آخرت ۾ به عذابِ نار جو حقدار هوندو آهي.

دل دُکھانا چھوڑ دیں ماں باپ کا
ورنہ اس میں ہے خسارہ آپ کا

(وسائل بخشش 377)

## سڪرات ۾ خوفناڪ رڙيون ڪرڻ وارو نوجوان

هڪ نوجوان جا گُردا فيل ٿي ويا، اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو، حالت نهايت خراب هئي، سڪرات طاري ٿي، ان جي وات ۽ نڪ مان دردناڪ آواز نڪرندا هئا، چهرو نيرو ۽ اکيون ٻاهر نڪري اينديون هيون، انهي ڪيفيت ۾ به ڏينهن گذري ويا، اهي دردناڪ آواز خوفناڪ رڙين ۾ تبديل ٿي ويا، وارڊ (WARD) جا مريض پريشان ٿي ويا، تنهنڪري ان کي وارڊ کان پري هڪ ڪمري ۾ منتقل ڪيو ويو، سندس پيءُ ڊاڪٽر کي

چيو ان کي زهر جو ٽيڪو لڳائي ڇڏ تہ جيئن هي مري وڃي، اسان ڪان ان جي اها حالت نٿي ڏسي سگهجي، جڏهن پڇيو ويو تہ آخر ان جي اها عجيب حالت ڇو آهي؟ پيءَ بيزاري مان چيو: هي شخص پنهنجي گهرواريءَ کي خوش ڪرڻ خاطر ماءُ کي ماريندو هو ۽ مان ان کي روڪيندو هيس، ائين لڳي ٿو هاڻي هن کي ان جي سزا ملي رهي آهي! ٽي ڏينهن سڪرات جي شديد تڪليفن ۾ مبتلا رهڻ ڪان پوءِ ان جو ساهہ نڪري ويو.

## ماءُ کي جواب نہ ڏيڻ وارو گونگو ٿي ويو

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان توبهہ قبول ڪرڻ واري ربّ ڪريم جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪيون ٿا ۽ ان ڪان عافِيّت جو سوال ڪيون ٿا. هاءِ! ماءُ پيءُ جي دل آزاري ڪيتري وڏي رُسوائي ۽ درد ناڪ عذاب جو سبب آهي، ماءُ پيءُ جو وڌيڪ خيال رکڻ گهرجي، جيئن ئي پڪارين سڀ ڪم ڪار ڇڏي ڪري جيءُ امان، جيءُ بابا چوندي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيڻ گهرجي، منقول آهي: هڪ شخص کي ان جي ماءُ سڏ ڪيو پر ان جواب نہ ڏنو، ان تي ان جي ماءُ ان کي بد دعا ڏني تہ اهو گونگو ٿي ويو .

(بِرّ الوالدين للطرطوشي ص 79)

## ماءُ پيءُ جي نافرمان جون عبادتون نامقبول

پنهنجي پيءُ جي نافرمان جي باري ۾ پڇا ڪيل سوال جي جواب ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحمَۃُ اللہ علیہ فرمائن ٿا: پيءُ جي نافرماني الله

جَبّار ۽ قَهّار جي نافرماني آهي ۽ پيءُ جي ناراضگي الله جَبّار و قَهّار جي ناراضگي آهي، ماڻهو ماءُ پيءُ کي راضي ڪري تہ اهي ان جي لاءِ جنت آهن ۽ ناراض ڪري تہ اهي هن جي لاءِ دوزخ آهن. جيستائين پيءُ کي راضي نہ ڪندو ان جو نہ ڪو فرض، نہ ڪو نفل ۽ نہ ڪو نيڪ عمل اصلاً مَقبول آهي، آخرت جي عذاب کان علاوه دنيا ۾ ئي سخت بلا (يعني شديد آفت) نازل ٿيندي، مرڻ مهل مَعَاذَالله ڪلمو نصيب نہ ٿيڻ جو خوف آهي.

(فتاوىٰ رضويه ج 24 ص 384، 385)

## گَڏهه جهڙو مُــڙدو

حضرت عَـوّام بن حَوشَب رَحمَةُ الله عليه (جيڪي تبع تابعي بزرگ ٿي گذريا آهن ۽ سندن وفات 148ھ ۾ ٿي) فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان ڪنهن پاڙي مان گذريس، ان جي ڪناري تي قبرستان هو، عصر کان پوءِ هڪ قبر ڦاٽي ۽ ان مان هڪ اهڙو ماڻهو نڪتو جنهن جو مٿو گَڏهه جو ۽ باقي جسم انسان جو هيو، ان ٽي ڀيرا گَڏهه وانگر هينگون ڪيون (يعني آواز ڪيائين) پوءِ قبر ۾ هليو ويو ۽ قبر بند ٿي وئي. هڪ پوڙهي عورت سُٽ ڪتي رهي هئي تہ هڪ عورت مون کي چيو: هن پوڙهي عورت کي ڏسي رهيا آهيو؟ مون چيو: هن جو ڇا معاملو آهي؟ چيائين: هي قبر واري جي ماءُ آهي، اهو شرابي هو جڏهن شام جو گهر ايندو هو تہ ماءُ نصيحت ڪندي هئي تہ اي پٽ! الله پاڪ کان ڊڄ آخر ڪيستائين هن ناپاڪ کي پئيندين! هي جواب ڏيندو هو: تون

گڏھ وانگر چو تي رڙيون ڪرين . ھن شخص جو عصر جي وقت انتقال ٿيو جڏھن ڪان وفات ٿي آھي روزانو عصر ڪان پوءِ ھن جي قبر ڪُلندي آھي ۽ ھي ائين ٿي پيرا گڏھ وانگر آواز ڪدي پوءِ قبر ۾ ھليو ويندو آھي ۽ قبر بند ٿي ويندي آھي.

(الترغيب والترھيب للمنذري ج 3 ص 267 حديث 3833)

دل نہ تُو ماں باپ کا ہرگز دُکھا
ہو کہیں نہ خاتِمہ تیرا بُرا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب | صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَــى الله! | اَستَغفِرُ الله
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب | صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ماءُ جي گستاخ کي زمين زنده ڳڙڪائي وئي!

ڪنھن ڳوٺ ۾ ھڪ ھاري جي گھر ۾ سَسُ ۽ ننھن جي وچ ۾ ھميشہ اٽبٽت رھندي ھئي، ڪيئي پيرا ھاري جي گھر واري ڪاوڙجي ساھرن ۾ ھلي وئي ۽ اھو مِنٿ ميڙ ڪري ان کي وٺي آيو، آخري پيري گھرواريءَ ھاري کي چئي ڇڏيو تہ ھاڻي ان گھر ۾ مان رھندس يا توھان جي ماءُ، ھاري پنھنجي گھرواريءَ تي فِدا ھيو، ان نادان دل ئي دل ۾ طئي ڪيو تہ روز روز جي جھڳڙي جو ھڪ ئي حل آھي تہ ماءُ کي رستي تان ھٽايو وڃي، ھڪ پيري اھو ڪنھن بھاني سان ماءُ کي پنھنجي ڪمند جي پوک ۾ وٺي ويو، ڪمند ڪٽيندي ڪٽيندي موقعو

ڏسي ماءُ تي ڪهاڙي جو وار ڪرڻ چاهيو تي تہ هڪدم زمين ان هاري جا پير پڪڙي ورتا، ڪهاڙي هٿ مان ڇڏائجي پري وڃي ڪري ۽ ماءُ رڙيون ڪندي ڳوٺ ڏانهن وٺي ڀڳي، زمين آهستي آهستي ان هاري کي ڳڙڪائڻ شروع ڪيو، اهو گهبرائي ڪري رڙيون ڪندو رهيو ۽ پنهنجي ماءَ کي پڪاري ڪري معافي گهرندو رهيو پر ماءَ پري وڃي چڪي هئي، ڪجھ دير کان پوءِ جڏهن ماڻهو اتي پهتا اهو ڇاتي تائين زمين ۾ دٻجي چڪو هو، ماڻهو ان کي ڪڍڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا رهيا پر زمين ان کي ڳڙڪائيندي وئي ايستائين جو اهو زمين جي اندر دٻجي ويو.

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمونے
مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بُو نے

کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تُو نے
جو آباد تھے وہ محل اب ہیں سُونے

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

## توبہ! توبہ!

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** توبہ! توبہ! ڏڃي وڃو! جيڪڏهن ماءُ پيءُ کي ڪڏهن ناراض ڪيو آهي تہ جلدي جلدي انهن جي قدمن تي ڪري پئو روئي روئي انهن کان معافي جي خيرات گهري وٺو، هي تہ دنيا جي سزا هئي جيڪا ماءُ جي نافرمان نادان هاري کي ڏني وئي جيڪڏهن اهو هاري مسلمان هو تہ اسان خداءِ رحمٰن کان ان جي لاءِ رحم ۽ ڪرم جي درخواست

ڪيون ٿا، دنيا جي سزا جڏهن ناقابل برداشت هوندي آهي تہ آخرت جي سزا ڪئين برداشت ڪئي ويندي! خدا جو قسم! ماءُ پيءُ جي نافرمان کي مرڻ کان پوءِ ملڻ واري سزا دنياوي سزا جي مقابلي ۾ ڪروڙين ڪروڙ درجا وڌيڪ خوفناڪ هوندي. جيئن تہ دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 32 صفحن تي مشتمل رسالي "سامونڊي گنبذ" جي صفحي 20 کان 21 تي ٿي روايتون ملاحظ فرمايو:

## باهہ جي ٿارين تي لٽڪڻ وارا

حضرت امام احمد بن حَجَر مڪي شافعي رَحمَةُ الله عليهِ نقل ڪن ٿا: حضور اڪرم صَلَّى الله عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: مِعراج جي رات مون ڪجھ ماڻھو ڏٺا جيڪي باهہ جي ٿارين سان لٽڪيل هئا، مون پڇا ڪئي: اي جبرئيل! اهي ماڻھو ڪير آهن؟ عرض ڪيائين: اَلَّذِيۡنَ يَشۡتَمُوۡنَ اٰبَاءَهُمۡ وَ اُمَّهَاتِهِمۡ فِي الدُّنۡيَا يعني هي اهي ماڻھو آهن جيڪي دنيا ۾ پنهنجي والدين کي بُرو ڀلو چوندا هئا.

(الزواجر عن اقتراف الکبائر ج 2 ص 139)

## برسات جي قطرن برابر ٽانڊا

منقول آهي: جنهن پنهنجي والدين کي گار ڏني ان جي قبر ۾ باهہ جا ايترا ٽانڊا لهندا آهن جيترا (برسات جا) قطرا آسمان مان زمين تي ڪرندا آهن.

(ايضاً ص 140)

## قبر پاسريون پيچي چڏيندي آهي

منقول آهي: جڏهن والدين جي نافرمان کي دفن ڪيو ويندو آهي تہ قبر ان کي دٻائيندي آهي ايستائين جو ان جون پاسريون (ٽٽي) هڪٻئي ۾ ملي ويندِيون آهن .

(ايضاً)

## پير پڪڙي ماءُ پيءُ کان معافي ورتو

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اوهان جا ماءُ پيءُ يا انهن مان ڪو هڪ ناراض آهي تہ جلد ئي هٿ ٻڌي، پيرين پئي روئي ڪري معافي تلافي جي ترڪيب ٺاهيو، انهن جا جائز مطالبہ پورا ڪيو ان ۾ ئي ٻنهي جهانن جي ڀلائي آهي والدين جي حقن جي باري ۾ مزيد معلومات جي لاءِ ٻہ عدد (1) ”ماں باپ کے حقوق“ (2) رمضان المبارڪ جي اِعتِڪاف (1430ھ) ۾ ٿيڻ واري مدَني مُذاڪري جي وڊيوز”والدین کے نافرمانوں کا انجام“ ملاحظہ فرمايو.

## ماءُ جي بد دعا سان ٽنگ ڪٽجي وئي

واقعي ماءُ پيءُ جي حقن کان بريءُ الذمہ (يعني آجو) ٿيڻ نهايت دشوار آهي، ان جي لاءِ سڄي عمر ڪوشش ڪرڻي پوندي ۽ ماءُ پيءُ جي ناراضگي کان سدائين بچڻو پوندو، جيڪي ماڻهو ماءُ پيءُ کي ستائيندا آهن انهن جو دنيا ۾ بہ انجام برو ٿيندو آهي جيئن علامہ ڪَمالُ الدين دَميري رَحمَۃُ اللہ علیہ نقل ڪن ٿا: ”زَمَخشَري (جيڪومُعتَزلي فرقي جو وڏو مشهور عالم هيو ان) جي هڪ ٽنگ

ڪٿيل هئي ماڻهن جي پڇڻ تي ان انڪشاف ڪيو هي منهنجي ماءُ جي بددعا جو نتيجو آهي، ڳالهه هي آهي تہ مون ننڍپڻ ۾ هڪ جهرڪي پڪڙي ۽ ان جي ٽنگ ۾ هڪ ڏور ٻڌي هئي اتفاق سان اها منهنجي هٿ مان اُڏري هڪ ديوار جي سوراخ ۾ گهڙي وئي پر ڏور ٻاهر ئي هئي مون ڏور مان پڪڙي زور سان ڇڪ ڏني تہ جهرڪي ٻاهر آئي پر ويچاري جي ٽنگ ڏور سان ڪٽجي چڪي هئي، منهنجي اَمڙ جڏهن هي دردناڪ مَنظر ڏٺو تہ صدمي وچان تڙپي ڪري سندن وات مان منهنجي لاءِ هي بددعا نڪتي: ”جهڙي نموني تو هن بي زبان جي ٽنگ ڪٽي آهي الله پاڪ تنهنجي بہ ٽنگ ڪٽي“ ڪجهہ وقت ڪان پوءِ مون علم حاصل ڪرڻ لاءِ ”بخارا“ جو سفر ڪيو، سفر ڪندي مان سواري تان ڪري پئس، ٽنگ تي شديد ڌڪ لڳو، ”بخارا“ پهچي ڪافي علاج ڪرايو پر تڪليف نہ وئي آخرڪار ٽنگ ڪٽائڻي پئي. (ائين ماءُ جي بددعا پوري ٿي)

(حياةالحيوان الکبریٰ ج 2 ص 163)

## ماءَ پيءُ جي محبت جا اولاد تي طبي (Medical) اثر

والدين جي اهميّت ڪي ڪير نٿو ڄاڻي، اسلام اسان کي ماءُ پيءُ کي خوش رکڻ ۽ سندن ناراضي کان بچڻ جو حڪم ڏنو آهي، يقيناً هن ۾ اسان جي لاءِ دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون آهن، غير مسلم سائنسدانن بہ ماءُ پيءُ جي تعلق سان عجيب ۽ غريب تحقيقون ڪيون آهن: ڊاڪٽر نِڪلسَن ڊيوز

(DRNICHOLSON DEVIS) ۽ پروفيسر مِسلَن ڪيم ( PROF. MISLON
CAM) جي رپورٽ جو خلاصو آهي: ماءُ پيءُ ڪي جيئن جيئن پوڙهائپ ايندي آهي، انهن جي اولاد سان محبت وڌندي ويندي آهي ۽ انهيءَ محبت سبب والدين جي اکين جي اندر روشني جي هڪ مخصوص شڪل پيدا ٿي ويندي آهي، جيڪا اولاد جي لاءِ صحت جو سبب بڻجندي آهي! ماءُ پيءُ چاهي هزارين ميل پري هجن (پر اولاد کان خوش هجن تہ) انهن جي همدردين ۽ سنين تمنائن جي ذريعي غير مَرئي (يعني نظر نہ اچڻ وارين) شُعائن جو سلسلو اولاد تائين پهچندو رهندو آهي، والدين بيمار هجن تڏهن بہ ان جي غير مرئي شعائون ڪمزور ناهن ٿينديون ان جي قوت لاڳيتو وڌندي رهندي آهي، ماءُ پيءُ جيڪڏهن ويجها هجن تہ انهن جون محبت پريون غير مرئي شعائون جسم ۽ اَعصاب (يعني اهي باريڪ سفيد ريشہ جيڪي دماغ ۽ حرام مغز کان نڪري ڪري تمام بدن ۾ ڦهليل آهن ان) کي تقويت پهچائيندا ۽ ان کي لچڪ دار يعني نرم ۽ ملائم رکندا آهن والدين جو چهڻ نفسياتي بيمارين ۽ ذهني گهٽين کي پري ڪري ٿو، هڪ سائنسدان پنهنجو تجربو بيان ڪندي لکي ٿو: مان جڏهن بہ پنهنجي ماءُ سان محبت پريون نگاهون ملائيندو آهيان منهنجي اندر سڪون جي لهر داخل ٿي ويندي آهي. خير هي غير مسلمن جون تحقيقون آهن، اسان کي دنياوي مفادات جي لاءِ نہ بلڪ خدا ۽ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي احڪامن جي پيروي جي نيّت سان والدين جي اطاعت ڪرڻ گهرجي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! مسلمان پوءِ بہ

ماءُ پيءُ جي خدمت ڪندا آهن غير مسلمن وٽ تہ ماءُ پيءُ جي تمام گهٽي ناقدري آهي ان ڪي هن واقعي مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو.

## اولڊ هائوس ۾ لاچار پوڙهيءَ

انگلينڊ جي هڪ  ميگزين ڪجهه انهي طرح جو سنسني خيز قصو لکيو، هڪ ماءُ جي هڪ ئي ڌيءَ ”ميري“ MARY ”جي علاوه ڪا اولاد نہ هئي، ”ميري“ جڏهن جوان ٿي تہ ماءُ ان جي هڪ خوشحال ۽ سماجي طور تي معزز نوجوان سان شادي ڪرائي، ۽ پاڻ بہ ان سان گڏ رهڻ لڳي، انهن وٽ بہ چند جهڙي چوڪريءَ پيدا ٿئي، جنهن جو نالو اِليزَبِيِٿ (ELIZABETH) رکيو ويو، ناني ڪي جڻ هڪ رانديڪو ملي ويو، اِليزَبِيِٿ ناني سان گهٽي هِري وئي، وقت گذرندو ويو هيڏانهن اِليزَبِيِٿ وڏي ٿيندي وئي، ۽ ناني پوڙهائپ ڏانهن وڌي رهي هئي، هاڻي ننڍڙي ايڏي ٿي وئي هئي جو پنهنجا ڪپڙا وغيره تبديل ڪري وننڍي هئي، ”ميري“ سوچيو ماءُ هاڻي ايڏي پوڙهي ٿي چڪي آهي مهمان وغيره اچن ٿا هاڻي هي انهن ۾ نهي نٿي، تنهنڪري ان ماءُ ڪي پوڙهن جي خصوصي گهر يعني اولڊ هائوس (OLD HOUSE) ۾ داخل ڪرايو، ماءُ گهٽو احتجاج ڪيو گهر ۾ پنهنجي ضرورت جو احساس ڏياريو، ڏوهٽي اِليزَبِيِٿ جي پرورش جو عذر پيش ڪيو پر ان جي هڪ نہ ٻڌي وئي، اِليزَبِيِٿ ڪي ناني سان پيار ٿي ويو، ان بہ ناني جي حمايت

ڪئي پر ڪنهن جي نہ ٻڌي وئي، ”ميري“ حيلا بهانا ڪندي رهي تہ گهر ۾ تنگي ٿي رهي آهي، اوهان بي فڪر رهو اسان وقت بوقت اولڊ هائوس (OLD HOUSE) ۾ ملڻ لاءِ ايندا سين، ڇنڇر آچر تي (ٻہ ڏينهن) گهر به وٺي ايندا سين. ڇا اولڊ هائوس سان ٻہ ڪو رشتہ ٽٽندا آهن! شروع شروع ۾ ميري ماءُ سان ملاقاتون ٻہ ڪيون پر آهستہ آهستہ ان ۾ فاصلو وڌندو ويو، آخرڪار ”انتظار“ ٻُڍڙيءَ جو مقدر بڻجي ويو اها محبت ڀريا وڏا وڏا خط لکندي هئي ڏوهٽي اِليزَبِيٿ جي لاءِ پيار لکندي هئي پر ڪو خاص فرق نہ پيو، هڪ ڀيري خط ۾ ڏيءِ لکيو تہ هاڻي ڪرسمس (CHRISTMAS) جي اڳين رات اوهان کي وٺڻ جي لاءِ ايندس، گهر هلنداسين، ٻُڍڙيءِ جي خوشي جي انتها نہ رهي، هن اُن (WOOL) سان پنهنجي ڏوهٽي جي لاءِ سوئٽر وغيره نهرايو تہ جيئن ان کي تحفي ۾ ڏئي 24 ڊسمبر جو رات جو سخت برفباري هئي ”ميري“ وٺڻ لاءِ ايندي انهيءَ ڪري هن پنهنجو محبت ڀريو تحفو کڻي انتظار ۾ بلڊنگ جي صحن ۾ ويهي ڪري بيقراري سان رستي تان ايندڙ هر گاڏي کي غور سان ڏسي رهي هئي تہ ڏسان منهنجي ”ميري“ جي گاڏي ڪڏهن ٿي اچي! اولڊ هائوس جي هڪ خادمہ ڇوڪري ”نينسي NENSI “کي ٻُڍڙيءِ جي بيقراري ڏسي تمام گهڻو ترس اچي رهيو هو ان هيٽر واري ڪمري ۾ هلڻ جو گهڻو زور ڀريو پر ٻڍڙيءَ نہ مڃيو، نينسي هڪ گرم شال آڻي ڪري ان کي اوڍائي ۽

همدردي سان بار بار ان کي گرم گرم چانھ پيش ڪندي رهي، پوڙهي سخت سردي ۾ انتظار ڪندي سڄي رات جاڳي گذاري پر ڏيءُ کي نہ اچڻو هو، نہ اها آئي، شديد سردي جي ڪري ان پوڙهيءَ کي سخت نمونيا ٿي ويو جيڪو سردي لڳڻ، ڪنگھ ٿيڻ ۽ ڳلو خراب ٿيڻ سبب ٿيندو آهي ۽ هن ۾ ڦڦڙن جي ڪنهن حصي ۾ سوڄ ٿي ويندي آهي جنهن سبب هوا اتي نٿي وڃي سگهي ۽ مريض کي ساهہ کڻڻ ۾ سخت تڪليف ٿيندي آهي ۽ ان جو گرمي پد (يعني بخار) 105 تائين وڌي ويندو آهي، ان بيماري کي برداشت نہ ڪندي ٻڍڙيءَ دم ڏنو، ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ميري پنهنجي ماءُ جو سامان وٺڻ اولڊ هائوس آئي هن خادمہ نينسي جو بيحد شڪريو ادا ڪيو ڇوتہ اها آخري وقت تائين ان جي پوڙهي ماءُ جي خدمت ڪندي رهي، جيئن تہ نينسي اڃا جوان هئي ۽ ڪافي خدمت گذار هئي انهيءَ ڪري ميري ان کي سٺي پگهار جي لالچ ڏئي ان کي پنهنجي گهر ۾ خدمتگاري جي ڪم لاءِ هلڻ جي آفر ڪئي، ”نينسي“ چوٽ ڪندي چيو: اوهان جي گهر ضرور ايندس پر هينئر نہ جنهن ڏينهن اوهان جي ڌي اِليزَبِيّٿ اوهان کي هتي اولڊ هائوس ۾ ڇڏي ويندي مان ان جي لاءِ ان جي خدمت لاءِ ويندس .

## اولڊ هائوس جي مقيم ٻن پاڪستاني بزرگن جو فرياد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هي تہ هڪ غير مسلمن خاندان جو واقعو هو، ان کي ٻڌي شايد اوهان کي ڪجھ عجيب محسوس ٿي رهيو

هوندو، غير اسلامي ملڪن ۾ گهڻا اولڊ هائوس آهن ۽ افسوس ان ڪي ڏسندي ڏسندي اسلامي ملڪن، ايستائين جو پاڪستان ۾ به ان جو آغاز ٿي چڪو آهي! دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه ۾ 16 ربيع النُّور شريف 1422ھ (2011/2/19) تي پوڙهن اسلامي ڀائرن جو مدني مذاڪرو ٿيو، جنهن ۾ سڄي ملڪ مان هزارين پوڙهن شرڪت ڪئي هئي ۽ هي مدني مذاڪرو "مدني چينل" تي براهِ راست ٽيلي ڪاسٽ (TELECAST) ڪيو ويو، ڪنهن پاڪستاني اولڊ هائوس ۾ مقيم به نهايت ڪمزور بزرگن، اسلامي ڀائرن سان نهايت غمگين لهجي ۾ پنهنجو درد ڀريو داستان بيان ڪيو ۽ اولڊ هائوس ۾ ڇڏي ويندڙ پنهنجي عزيزن جي باري ۾ نهايت افسوس ۽ حسرت جو اظهار ڪيو ۽ چيائون ته اسان جي خواهش آهي ته اسان جي خاندان وارا اسان کي گهر وٺي هلن اسان هتي گهڻا ڏکارا آهيون، هاءِ! افسوس! اهو اولاد ڪيڏو نه احسان فراموش، ناخلف ۽ نالائق آهي جيڪو ننڍپڻ ۾ ماءُ پيءُ جي طرفان ڪيل تمام احسان وساري ڪري پوڙهائپ ۾ انهن کي نڪرائي ڇڏيندو آهي، حالانڪ پوڙهائپ ۾ ته ويچارن کي همدردين جي گهڻي حاجت هوندي آهي. اسلامي ڀائرو! اوهان عهد ڪيو ته چاهي ڪجهه به ٿي وڃي ماءُ پيءُ سان سڄي عمر نڀائنداسين ۽ انهن جي خدمت ڪري پاڻ کي جنت جو حقدار

ٻڌائنداسين، اِنْ شَآءَاللّٰه يقين مجو والدين جا حق تمام گهڻا آهن ان کان بريءُ الذمہ ٿيڻ ممڪن ئي ناهي.

## ماءُ ڪي ڪلهن تي کڻي گرم پٿرن تي ڇهہ ميل..

هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ بارگاهِ نبوي ۾ عرض ڪيو: هڪ راهہ ۾ اهڙا گرم پٿر هئا جيڪڏهن گوشت جو ٽڪر ان تي رکيو وڃي تہ اهو ڪَبَاب ٿي وڃي! مون پنهنجي ماءُ کي ڪلهي تي ڇهہ ميل تائين کڻي هليس، ڇا مان ماءُ جي حقن مان فارغ ٿي ويو آهيان؟ سرڪار مدينہ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: تنهنجي پيدا ٿيڻ تي سُور جا جيترا جهٽڪا ان برداشت ڪيا آهن شايد هي ان مان هڪ جهٽڪي جو بدلو ٿي سگهي.

(المعجم الصغير للطبراني، الجزءَ الاول ص 92 حديث 257)

## حمل جي تڪليف

**پيارا اسلامي ڀائرو!** واقعي ماءُ پنهنجي ٻار جي لاءِ سخت تڪليفون برداشت ڪندي آهي، ٻار جي ڄمڻ (DELIVERY) وقت ٿيڻ واري تڪليف کي ماءُ ئي سمجهي سگهي ٿي مرد جي لاءِ ڪيڏي آساني آهي جو ان جي ڊليوري ناهي ٿيندي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عليهِ رَحمةُ الرَّحمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 27 صفحي 101 تي فرمائن ٿا: مرد جو تعلق صرف لذت سان آهي ۽ عورت کي سوين مصيبتن کي منهن ڏيڻو تو پوي، نوَ مهينا پيٽ ۾ رکندي آهي هلڻ، ڦرڻ، اُٿڻ

ويهڻ، دشوار هوندو آهي پوءِ ويم جي موقعي تي هر جهٽڪي تي موت کي منهن ڏيڻو پوندو آهي پوءِ مختلف تڪليفن ۾ نِفاس واري (يعني ولادت کان پوءِ خون جي تڪليف ۾ ورتل) جي ننڊ اُڏامي ويندي آهي ان جي لاءِ الله تبارڪ و تعالیٰ سيپاري 26 سُورة الاَحقَاف ۾ فرمائي ٿو:

حَمَلَتۡهُ اُمُّهٗ كُرۡهًا وَّوَضَعَتۡهُ كُرۡهًا ؕ وَحَمۡلُهٗ وَفِصٰلُهٗ ثَلٰثُوۡنَ شَهۡرًا ؕ

**ترجموڪنزالايمان**: سندس ماءُ ڪيس پيٽ ۾ رکيو تڪليف سان ۽ ڪيس ڄڻيائين تڪليف سان ۽ ان کي کڻڻ ۽ ان کان ٿڃ ڇڏائڻ (جو مدو) ٽيهه مهينا آهي.

تہ هر بار جي پيدائش ۾ عورت کي گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال سخت جيل آهي.

(فتاويٰ رضويه ج 27 ص 101)

## ڊرائيور جي جان بچي وئي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** سنتون سکڻ سيکارڻ ان تي عمل وڌائڻ پنهنجي پاڻ کي سنتن جو پيڪر بڻائڻ ۽ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪڙهندا رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندي نيک اعمال جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي اِستِقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو ”جائزو“ وٺي ڪري نيک اعمال جو رسالو پُر ڪندا رهو ۽ هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي علائقي

جي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ پنهنجي هن مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جي حصول خاطر پابندي سان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪريو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو: ڪراچي جي علائقي نياآباد جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو حلفيہ بيان جو خلاصو آهي تہ منهنجو هڪ ڀاءُ جيڪو عرب شريف جي شهر ”رِيَاض“ ۾ ڊرائيور جي حيثيت سان ملازمت ڪندو هيو. هڪ ڏينهن ڊرائيونگ جي دوران خطرناڪ حادثي جو شڪار ٿيو ۽ بيهوش ٿي ويو. دماغي ڏڪ ايترا تہ شديد هئا جو بچڻ جي اميد نہ رهي، اسان مجبور هئاسين ۽ ان کي ڏسڻ لاءِ بہ وڃي نہ پيا سگهون. اَلْحَمْدُ لِله! مان عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪندي هيس. مان ڀاءُ جي پريشاني پنهنجي علائقي جي هڪ اسلامي ڀيڻ کي ٻڌائي، ان مون کي دلاسو ڏنو ۽ صلاح ڏني تہ ايئن ئي پابنديءَ سان اجتماع ۾ شرڪت ڪري تمام گهڻيون دعائون گهرندي رهہ، بس پوءِ مان ائين ئي ڪيو، اَلْحَمْدُ لِله! اجتماع ۾ ڪيل دعائن جي برڪت سان ٽن مهينن جي اندر اندر ڀاءُ ڳالهائڻ شروع ڪيو. ڊاڪٽر بہ حيران رهجي ويا ڇو تہ دماغي ڏڪ تمام گهڻا هئا ۽ ظاهري

طور بچڻ جي اميد تمام گهٽ هئي. اَلحَمدُ لِلّٰه! اجتماعن جي برڪتن جي سبب منهنجي عقيدت اجا وڌيڪ مضبوط ٿي وئي.

اے اسلامی بہنو! نہ مایوس ہونا
تمہیں خیر دیگا دِلا مَدَنی ماحول
تُو پردے کے ساتھ اجتماعات میں
آ تِری دیگا بگڑی بنا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب
صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## سنتن ڀريي اجتماع ۾ رحمتون نازل ٿينديون آهن

اَلحَمدُ لِلّٰه! سنّتن ڀريي اجتماع ۾ گهريون ويندڙ دعائون ضرور پوريون ٿينديون آهن ڇو ته اتي اللّٰه پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر ٿيندو آهي. حضرت امام سُفيان بِن عُيَيْنه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: عِنْدَ ذِكْرِ الصّٰلِحِيْنَ تَنَزَّلُ الرَّحمَةُ يعني نيڪ انسانن جي ذڪر وقت رَحمتِ الاهي نازل ٿيندي آهي. (حلية الاَوليِاء ج 7 ص 335 رقم 10750) جڏهن نيڪ ٻانهن جي ذڪر ڪرڻ وقت رَحمتن جو نُزول ٿيندو آهي ته جنهن اجتماع ۾ اللّٰه ۽ رسول صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ خير ٿيندو هجي ته اتي رحمتون نازل ڇونه ٿينديون، ۽ جتي ڇَما ڇَم رحمتون وسي رهيون هجن اتي دعائون قبول ڇونه ٿينديون، دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 743 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”جنت میں لے جانے والے اعمال“ صفحي 422 تي آهي ته حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ۽ حضرت ابوسَعِيد رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته اسان ٻئي مڪي مديني جي سردار صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ بيڪس پناه ۾ حاضر هئاسين ته رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جن فرمايو: ”الله پاڪ جي ذڪر ڪرڻ جي لاءِ جيڪا قوم ويهندي آهي ته ملائڪ انهن کي گهيري وٺندا آهن ۽ رحمت انهن تي ڇانئجي ويندي آهي ۽ انهن تي سڪينه (يعني قرار نازل ٿيندو آهي ۽ الله پاڪ پنهنجي فرشتن جي سامهون انهن جو ذڪر فرمائيندو آهي.“

(صحيح مُسلم ص 1448 حديث 2700)

## ذڪر ڇا کي چئبو آهي؟

”الله هُو“ ۽ ”حق هُو“ جون ضربون لڳائڻ بيشڪ ذڪر آهي، پر ان سان گڏ قرآنِ پاڪ جي تلاوت، حمد ۽ ثناء، مُنَاجاتون ۽ دعاء، درود ۽ سلام، نعت ۽ مَنْقَبَت، خطبو، درس، سنّتن ڀريو بيان وغيره به ”ذِڪرُالله“ ۾ شامل آهي. يقيني طور تي دعوت اسلامي جا سنّتن ڀريا اجتماع به ذڪر جا حلقا آهن.

سارے عالَم کو ہے تیری ہی جستجو جِنّ و اِنس و مَلک کو تِری آرزو
یاد میں تیری ہر ایک ہے سُو بَسُو بَن میں وَحشی لگاتے ہیں ضَرباتِ ھو
اللّٰہ اللّٰہ اللّٰہ اللّٰہ

(سامانِ بخشش شريف)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

يارب مصطفيٰ! اسان جي بي حساب مغفرت فرماءِ، اسان کي پنهنجي ۽ پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت تي زنده رک، جيستائين زنده رهون سنتن تي عمل ڪندا رهون ۽

مرون تہ مديني جي سرزمين گنبذ خضرا جو سايو، نگاهن جي سامهون پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جلوو ۽ لب تي ڪلمو پاڪ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله جنّتُ البَقِيع ۾ تدفين ٿئي ۽ جنّتُ الفردوس ۾ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو ملي


اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

یا خدا جسم میں جب تک کہ مِری جان رہے
تجھ پہ صدقے ترے محبوب پہ قربان رہے
کچھ رہے یا نہ رہے پر یہ دعا ہے کہ امیرؔ
نزع کے وقت سلامت مرا ایمان رہے

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الاَمِین صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو





عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net